SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 2011

# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2011

# سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2011

# THE SINDH SALES TAX ON SERVICES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act No.XII of 2011
3. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 11 جي ترميم
Amendment of section 11 of Sindh Act No.XII of 2011
4. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 43 جي ترميم
Amendment of section 43 of Sindh Act No.XII of 2011
5. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 45 جي ترميم
Amendment of section 45 of Sindh Act No.XII of 2011
6. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 47 جي ترميم
Amendment of section 47 of Sindh Act No.XII of 2011
7. 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 57 جي ترميم

Amendment of section 57 of Sindh Act No.XII of 2011

.8 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي پهرين شيڊول جي ترميم

Amendment of First Schedule of Sindh Act No.XII of 2011

.9 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي ٻئي شيڊول جي ترميم

Amendment of Second Schedule of Sindh Act No.XII of 2011

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 2011

# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2011

## سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2011

## THE SINDH SALES TAX ON SERVICES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

[1 نومبر 2011]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس، ايڪٽ 2011 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس، ايڪٽ 2011 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس (ترميم) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. | Short title, extent and commencement |
| 2.سنڌ خدمتن تي سيلز ٽيڪس ايڪٽ، 2021 کي هن ڪانپوءِ جاٽايل ايڪٽ، جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) ۾:<br>i. شق (a) ۾، سيمي ڪالن ڪانپوءِ، لفظ "يا" شامل ڪيو ويندو؛<br>ii. شق (b) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪالن لاءِ، هڪ فل اسٽاپ کي متبادل بڻايو ويندو؛ ۽<br>iii. شق (c) ۽ (d) کي ختم ڪيو ويندو. | 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Act No.XII of 2011 |
| 3. جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 11 ۾، لفظن "يا ڪنهن بہ ٽيڪس لائق خدمت تي لڳائڻ لائق ٽيڪس وڌائڻ يا گهٽائڻ" کي ختم ڪيو ويندو. | 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 11 جي ترميم<br>Amendment of section 11 of Sindh Act No.XII of 2011 |
| 4. جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 43 ۾، ٽيبل ۾، جريان نمبر 6 ۾، ڪالم (1) ۾، آئٽم "(c)" جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي | 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ |

سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ لفظ "يا" ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون وڌايو ويندو:

"(d) ٽيڪس جي حقيقي رقم ادا ڪرڻ، بازياب ڪرائڻ يا جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا نہ لڳائڻ لائق ٽيڪس ڪريڊٽ يا ايڊجسٽمينٽ يا ڪٽوتي يا واپسي جي دعويٰ ڪري ٿو."

43 جي ترميم
Amendment of section 43 of Sindh Act No.XII of 2011

2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 45 جي ترميم
Amendment of section 45 of Sindh Act No.XII of 2011

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 45 ۾، انگن ۽ لفظ "34 ۽ 35" لاءِ، انگ ۽ لفظ "43 ۽ 44" ڪي متبادل بڻايو ويندو.

2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 47 جي ترميم
Amendment of section 47 of Sindh Act No.XII of 2011

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 47 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ڪانپوءِ، هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

"(1A) جتي ڪنهن ٽڪراءَ، تضاد، ڄاڻي واڻي ڪوشش، غلط بياني، فراڊ، بخشش يا ڪوڙي يا جعلي دستاويزن ذريعي:

(a) ڪا ٽيڪس يا چارج ادا ناهي ڪئي وئي يا گهٽ ادا ڪئي، تخمينو لڳائي يا جمع ڪئي وئي آهي، تہ اهڙي ٽيڪس ادائگي لائق شخص کي اهڙي ٽيڪس جي پنجن سالن جي عرصي اندر اهڙي

| | |
|---|---|
| | ٽيڪس نہ پيارڻ جو سبب ڄاڻائڻ لاءِ نوٽيس اماڻيو ويندو؛<br>(b) ڪا بہ ٽيڪس جي رقم جيڪا واپس ٽئي ٿي، جيڪا واجب نہ هجي، اهڙي واپسي حاصل ڪندڙ شخص کي اهڙي واپسي جي رسيد جي پنجن سالن اندر اهڙي واپسي جو سبب ڄاڻائڻ لاءِ نوٽيس ڏنو ويندو.”؛<br>(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾، ڏنگي ۾ انگ “(1)” ڪانپوءِ، لفظ، ڏنگي ۾ انگ “يا (1A)” شامل ڪيا ويندا. |
| 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 57 جي ترميم<br>Amendment of section 57 of Sindh Act No.XII of 2011 | 7.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 57 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، انگن، ڪامائن ۾ لفظ “13، 18، 19 يا 38” لاءِ انگ، ڪامائون ۾ لفظ “22، 23، 24B، 43، 44، 47، 68 يا 76” متبادل بڻايا ويندا. |
| 2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي پهرين شيڊول جي ترميم<br>Amendment of First Schedule of Sindh Act No.XII of 2011 | 8.ڄاڻايل ايڪٽ جي پهرين شيڊول ۾:<br>(i) ڪالم (1) جي عنوان ۾، لفظ “انگ” لاءِ لفظن “ٽيرف هيڊنگ” کي متبادل بڻايو ويندو.<br>(ii) ٽيرف هيڊنگ “9813.4910” ۾ ڪالمز (2) ۽ (3) جي سامهون داخلائن ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو؛<br>(iii) ڪالم 2 ۾ ٽيرف هيڊنگ جي خلاف 9813.3900 لفظ ”مشارڪيہ“ جي لاءِ لفظ رکيو ويندو. |

"9813.4990 ٻيون خدمتون جيڪي ٻئي هنڌ بيان ڪيل نہ هجن"

(iv) ڪالم 2 ۾ ٽيرف هيڊنگ "9813.8100" جي سامهون لفظ "ٻيو" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "ٻيا، بشمول فراهم ڪيل خدمتن جي يا نان بينڪنگ فنانس ڪمپنيز طرفان ڏنل، موداربا ۽ مشاريڪا ڪمپنيز ۽ ٻين مالي ادارن طرفان" متبادل بڻايا ويندا؛ ۽

(v) ڪالم (2) ۾ ٽيرف هيڊنگ "9819.9090" جي سامهون لفظ "ٻيا" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "ٻيا، بشمول پورٽ آپريٽرز، ايئرپورٽ آپريٽرز، ايئرپورٽ گرائونڊ سروس پرووائيڊرز ۽ ٽرمينل آپريٽرز طرفان فراهم ڪيل خدمتن" کي متبادل بڻايو ويندو.

2011 جي ايڪٽ نمبر XII جي ٻئي شيڊول جي ترميم
Amendment of Second Schedule of Sindh Act No.XII of 2011

9. چاڙهايل ايڪٽ جي ٻئي شيڊول ۾:

(a) لفظن "حصو A" کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"ٽيرف هيڊنگ تفصيل ٽيڪس جو ريٽ
(1) (2) (3)"؛

(b) لفظن "حصو B" کانپوءِ موجود ڪالم عنوانن لاءِ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:

"ٽيرف هيڊنگ تفصيل ٽيڪس جو ريٽ
(1) (2) (3)"؛

(c) حصي B ۾:

(i) ٽيرف هيڊنگ "9813.1600" ۽ ڪالمز (2) ۽ (3) سامهون اينڊرڊ داخلائن لاءِ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:

| | | |
|---|---|---|
| "9813.160 | ٻي انشورنس بشمول ري انشورنس | 16 سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| “9813.300 | ليزنگ جي سلسلي ۾ فراهم ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون | 16 سيڪڙو |
| 9813.3010 | مالياتي ليزنگ | 16 سيڪڙو |
| 9813.3020 | ڪموڊٽي يا سامان جي ليزنگ | 16 سيڪڙو |
| 9813.3030 | هائر پرچيز ليزنگ | 16 سيڪڙو |
| 9813.3900 | مداربا ۽ مشاريڪا فنانسنگ جي سلسلي ۾ فراهم ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون | 16 سيڪڙو |

(ii)ٽيرف هيڊنگ “9813.4910” ۽ ڪالمز (2) ۽ (3) جي سامهون داخلائن ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

| | | |
|---|---|---|
| ”9813.4990 | ٻيون خدمتون جيڪي ٻئي هنڌ بيان ڪيل نه هجن | 16 سيڪڙو”؛ |

(iii)ٽيرف هيڊنگ “9813.8100” ۾ ڪالم (2) ۾ لفظ “ٻيو” لاءِ لفظ ۽ ڪامائون “ٻيا، بشمول نان بينڪنگ فنانس ڪمپنيز، مداربا ۽ مشاريڪا ڪمپنيز ۽ ٻين مالياتي ادارن طرفان فراهم ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون” متبادل بڻايا ويندا؛

(iv)ٽيرف هيڊنگ “9813.9000” ڪانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

| | | |
|---|---|---|
| “9814.2000 | بلڊنگ جو ڪانٽريڪٽر (بشمول واٽر سپلاءِ، گئس سپلاءِ ۽ سينيٽري | 16 سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | ورڪس)، اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل ورڪس (بشمول ايئر ڪنڊيشننگ)، ملٽي ڊسيپلينري ورڪس (بشمول ٽرن ڪي پروجيڪٽس) ۽ ساڳئي قسم جا ٻيا ڪم | |
| 9814.3000 | پراپرٽي ڊولپرز يا پروموٽرز | 16 سيڪڙو"؛ |

(v)ٽيرف هيڊنگ "9819.2000" ڪانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

| | | |
|---|---|---|
| "9819.9090 | پورٽ آپريٽرز، ايئرپورٽ آپريٽرز، ايئرپورٽ گرائونڊ سروس پرووائيڊرز ۽ ٽرمينل آپريٽرز طرفان فراهم ڪيل يا پيش ڪيل خدمتون | 16 سيڪڙو"؛ |

(vi) ٽيرف هيڊنگ "9824.0000" ۽ ڪالمز (2) ۽ (3) ۾ سامهون داخلائن لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

| | | |
|---|---|---|
| "9824.0000 | تعميراتي خدمتون | 16 سيڪڙو |
| | مئنيجمينٽ خدمتون بشمول فنڊ ۽ اثاثن جي سار سنڀال جي خدمتن جي | 16 سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | ايئرپورٽ خدمتون | 16 سيڪڙو |
| | ٽريڪنگ خدمتون | 16 سيڪڙو |
| | سڪيورٽي الارم خدمتون | 16 سيڪڙو |
| | موٽلز ۽ گيسٽ هائوسز طرفان فراهم ڪيل خدمتون | 16 سيڪڙو.”. |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**